**ايازگُل**
چيئرمين، سنڌي شعبو
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو مختصر جائزو

# A BRIEF OVERVIEW OF SINDHI GHAZAL AFTER PARTITION


## Abstract

Ghazal, a major form of poetry, has its origin in Arabic literature but it reached its maturity in the hands of Persian poets. This genre was introduced in Sindhi literature during Kalhora period. Noor Muhammad Khasta, Mirza Taqi and other poets tried their hands at ghazal. Ghazal has gone through many phases during its development as a powerful medium of expression for last many years. Ghazal is composed with various techniques and variations. Ghazal has acquired its perfect status here in Sindh. It has become an original genre of thousands of Sindhi poets.

The main objective of this research paper is to trace background and development of Sindhi ghazal especially after partition.


## پس منظر ۽ اوسر

هاڻوڪو سنڌي غزل جنهن خاص هنڌَ تي اچي بيٺو آهي، جو اڄ جو دؤر "غزل جو دؤر" بڻجي ويو آهي، ان خاص هنڌ تي پُهچڻ لاءِ اُنَ کي صدين جو سفر طئہ ڪرڻو پيو ۽ وڏا وڏا ڪشالا ڪيڏا پيا آهن. غزل جو جنم تہ عربستان جي ڌرتيءَ تي ٿيو، پر سندس پالنا ايراني ادب ۽ شاعريءَ ڪئي. هونئن تہ گڏجڻ تخليق جو سبب بڻبو آهي، مگر غزلَ ڌار ٿيڻ جي عمل مان وجود ورتو. عربي شاعريءَ جي قديم صنف قصيدي جي ساراهہَ واري حصي "تَشبيبَ"، قَصيدي کان ڌار ٿي، اڳتي هلي غزل جي صورت اختيار ڪئي لغت، "عورتن سان پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ" جي مفهوم ۽ معنىٰ سان اُنَ جي سڃاڻپ ڪرائي ۽ غزل بہ لڳ ڀڳ ادائي صديون، صرف ۽ صرف پنهنجي اها ئي سڃاڻپ برقرار رکي.

سنڌي شاعريءَ ۾ غزلَ جي صنف ڪلهوڙن جي دؤر ۾ پيرُ پاتو، جڏهن سنڌي شاعري، فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ سَرجي رهي هئي. مضمون، تشبيهون، استعارا،

ترڪيبون سڀ ڪجهه اُڌارو ۽ اوپرو هيو. 1130 هجريءَ ڌاري ٽڪڙ جي شاعرن، نور محمد خستہ، تقي مرزا، ميان چتن ۽ حافظ عاليءَ جا نالا شروعاتي غزل گو شاعرن طور سامهون آيا جن جي شاعريءَ ۾ ڳوناٺي ٻوليءَ جا بہ اولڙا نظر اچن ٿا. غزل جي پهرئين پُختي شاعر طور سچل سرمست، ٽالپرن جي دؤر ۾ سامهون آيو:

آهي انهن اکين ۾ خاصو خمار تُنهنجو
وينو وٺي مان آهيان، ڪامل قرار تنهنجو
(سچل سرمست 1826 1739ع)

سچل سائينءَ کان پوءِ خليفي گل محمد گل هالائيءَ جي غزل، پيڙهہ جي پٿَر جي حيثيت ماڻي. سنڌي ٻوليءَ جي مِناس ۽ نجُ لهجي وارو غزل، انگريزن جي دؤر ۾ سنڌيءَ جي پهرين ”صاحبِ ديوان“ شاعر خليفي گل محمد گل هالائيءَ وٽ ئي ملي ٿو:

دؤر دنيا جي مٿي. اي دل ! ڪيئي آيا ويا
سُک مٿي، سُورن سٿي، اي دل! ڪيئي آيا ويا

خليفي گُل جي ٻاريلَ ڏِيئي مان، ڪانئس پوءِ جيڪي ڏيئا جليا، سي آخوند قاسم هالائي، سيد فاضل شاهہ، صوفي آسورام، مرزا قاسم بيگ، عبدالقادر بيدل ۽ غلام محمد شاهہ گدا آهن. سنڌي غزل جو ٽيون ۽ اهم دؤر مير عبدالحسين سانگيءَ جي نالي سان منسوب آهي، وٽس پُهچي غزل ڏاڍو ڪيو، ٿڪُ ڀڳو ۽ تازو توانو ٿي سفر لاءِ اڳتي روانو ٿيو ائين چوڻ ۾ بلڪل بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سانگيءَ سنڌي غزل کي نيون راهون ۽ نوان گس ڏِنا ۽ جديد غزل جو ٻِجُ ڇَٽيو:

آرزو ڪهڙي ڪريون؟ دل آهي ورهين کان ويئي
پنهنجي دل لاءِ سدا پاڻ سِڪون ٿا يارو!
(مير عبدالحسين سانگي)

مير عبدالحسين سانگيءَ جي دؤر جا ڪي ٻيا اهم شاعر آهن: حامد ٽکڙائي، مرزا قليچ بيگ، شمس الدين بلبل، محمد هاشم مخلص، لِيلا رام خاڪي، مرزا بُڌل بيگ ۽ ان کان پوءِ روايتي غزل گو شاعرن جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي:

باغ ۾ بُوند وَسي، دوست ڪري مون کي وداع
روئي بادل ٿو جُدا. آءُ جدا، يارُ جُدا
(مرزا قليچ بيگ)

هدايت الله تارڪ نجفي، سيد مصري شاهہ، سيد حافظ شاهہ، امام بخش

خادم، آخوند فقير محمد عاجز، عبدالله بسمل، حاجي محمود خادم، حافظ حيات شاهه، محمد بخش واصف، محمد صديق مسافر، غلام احمد نظامي، فقير غلام علي مسرور، جمع خان غريب، مراد علي شاهه ڪاظم، مير علي نواز ناز، نياز علي نياز جعفري، سرشار عقيلي، مخدوُم طالب المولىٰ، عبدعاقلي، رشيد احمد لاشاري، عبدالڪريم گدائي، فيض بخشاپوري، عطا محمد حامي، اميد خيرپوري، اظهر گيلاني، علي محمد مجروح، نثار بزمي، ڪريم پَلي ۽ ٻيا ڪيترائي شاعري، جن لاڙڪاڻي، ٽِڪڙ، هالا جي فڪري ۽ علمي مرڪزن جي اثر هيٺ، غزل جي سفر کي جاري رکيو. جميعت الشعراء پاران ڪوناڻل ڪانفرنسن ۽ مشاعرن پڻ غزل جي آبياريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ورهاڱي کان اڳ ڪشنچند بيوس جديد سنڌي شاعريءَ جو بُنياد رکيو ۽ فارسي رنگ ۾ رچيل شاعريءَ جو روپ ئي مَٽائي ڇڏيو ٻين صنفن جيان سنڌي غزل نوان ويس ڪيا، پنهنجو ماحول، پنهنجي مٽيءَ جي سُڳنڌ، پنهنجي ٻوليءَ جو ميناج، سندس غزلَ ۽ ٻي شاعريءَ جا خاص گڻ هيا. 1930ع ۾ بيوس جي 30 غزلن جو مجموعو "سامونڊي سِپون" شايع ٿيو. پنهنجي همعصر دؤر ۾، هوندراج دُکايل ئي ڪنهن حد تائين ڪشنچند بيوس سان، فن ۽ فڪر جي نون گهڙيل رستن تي هليو، جڏهن ته اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جا ٽي قدآور شاعر هري دلگير، شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام ان سفر ۾ شامل ٿيا ۽ نئين سنڌي غزل جو تِکي تاءَ وارو روشن سُورج اڀارڻ ۾ ڪامياب ويا:

جي تو اچا نه چاتو، آ ڪير ديسَ واسي
تُنهنجو جنم اجايو، تنهنجي مِٽي اَٽاسي
(شيخ اياز)

- - - - -

آهيان ته بوند پوءِ به لهرون ڏِسي ڏِسي،
اُڇلون ڏئي ٿي دل ته پوان هوندَ سمنڊُ تي
(نارائڻ شيام)

- - - - -

پيلي ساڙهيءَ سان لنگهي ڪيٽَ مان آهين شايد،
عڪس هر رنگَ تي، پِيلاڻ پڪڙجي ويئي
(هري دلگير)

سنڌي شاعرن مان اهو شيخ اياز ئي هيو، جنهن غزل جي مِٽيءَ کي ٻيهر ڳوهي، ڪيس نئون ۽ نِڪور روپُ ڏنو ۽ اياز وٽ اڳتي هلي روايتي غزلَ "گيڙو ويس غزل" جو روپ ڌاريو. هري دلگيرَ، شيخ اياز لاءِ لکيو آهي ته: "سنڌي غزل کي اردو ۽

پارسيءَ جي پنجي مان آزاد ڪرائڻ جون ڪوششون، ڪيترن شاعرن اڳيئي ڪيون هيون، پر اياز انهن ڪوششن کي گهڻو اڳتي وڌايو ۽ هڪڙي ٻيڙي ٻانهيءَ کي، رُوپوان راڻي بڻائي ڇڏيو. هُن مئخانن ۽ پئمانن کي ترڪ نه ڪونه ڪيو، پر گڏوگڏ مَندرن، شِوالن، مورتين ۽ گهنڊن جو وايو منڊل به خلقي ڇڏيائين. گهڻو پوءِ نارائڻ شيام، اياز جو پيدا ڪيل اهو وايو منڊل پنهنجن غزلن ۾ آندو" (1)

شيخ اياز کان پوءِ نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي، استاد بخاري، قمر شهباز، تاج بلوچ، ڪريم پلي، تاجل بيوس، فتاح ملڪ، بشير مورياڻي، احمد خان مدهوش، محسن ڪَڪڙائي، آڪم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، وفا پلي، ادل سومري، تاج جويو، ايازگل، واجد، نصير مرزا، ذوالفقار سيال، ج ع منگهاڻي، عبدالغفار تبسم، مريم مجيدي ۽ اڄ تائين جي ٿهيءَ جي ڪيترن ئي شاعرن نئين غزل جي سلسلي کي اڳتي وڌايو.

## هندُ ۾ سنڌي غزل

هِندُ ۾ سنڌي غزل جي روايتي ۽ جِدت سان سلهاڙيل شاعرن ۾ پَرسرام ضياء، ڪيئلداس فاني، ليکراج عزيز، پرڀو وفا، واسديونرمل، گوورڌن ڀارتي، ارجن شاد، ارجن سڪايل، ايشور آنچل، اندر ڀوجواڻي، لکميچند پريم، سگن آهوجا، ڪمل پياسي، ڪرشن راهي، لڇمڻ ڪومل، موتي پرڪاش، ڀڳوان نردوش، رُڪمڻي چئناڻي، ڪشنچند رنجايل، هوتو سنڌو پياسي شامل رهيا. جڏهن ته جدت کان پوءِ، اڄ جي سنڌي غزل جي اهم استان وارن شاعرن طور ارجن حاسد، ايم ڪمل، واسديو موهي، شريڪانت صدف، لڪشمڻ دُبي،ڪيمڻ مولاڻي، ونود آسوداڻي، ڊولڻ راهي ۽ اندرا شبنم "اندو" سُجاتا وَجن ٿا. ڪانئن پوءِ نوجوان شاعرن ۽ شاعرائن جي هڪ کيپ پڻ ان سفر ۾ شامل آهي، جن جا مجموعا پڻ ڇپجي چُڪا آهن، انهن ۾ گهنشام لوڪواڻي، ديوي ناگراڻي، شڪو ڪلناڻي، ڪوڏو مل جانب واڌواڻي، لتا ٿهلياڻي، ٽيڪچند مست، ارجن چاولا، جئه رام چمناڻي "ديپ"، آسن واسواڻي مجبور، نند ڪُمار سنمُکاڻي اُداسي، ڪنعيو دادلاڻي، ڪنعيو شيواڻي، راجيش آسوداڻي رقيب، ڪئلاش شاداب، ڪنعيا لعل موتواڻي ماندو، گوپ گولاڻي، ٺارو گرناڻي، ساون ڪُمار اُداسي، ناري لڇواڻي، اِندر جسوجا ڪومل، ٺاڪر نيڀواڻي، روشن گولاڻي، هرداس پوهوجا "داس" آسن واسواڻي "مجبور"، رتن دلبر، ارجن چاولا، شريچند دُبي "جگري"، ٻلديو ٻڌراڻي "ديپ" ۽ ٻيا اڃي وڃن ٿا.

سنڌي غزل جي اوسر ۾ هندُ جي غزل گو شاعرن بابت ڄاڻ، موضوع جي پابنديءَ سبب بس اڇاتري ئي آهي، جيڪا ضروري سمجهي ڏني وئي آهي ۽ ڏارَ ڏيان ڏرڻ جي طلبگار آهي، پوءِ به ڪي وڻندڙ شعر شامل ڪرڻ کان دل رهي نٿي:

ديسَ پنهنجي مان ڪڍيائون مون کي
عُمرِ ڀر جو مان وڇوڙو آهيان
(ارجن حاسد)

- - - - -

هَڻ هڻ جي چانوَ، اُس ۾، ٺَري گهٽ، ٻَري گهٽو
اڄ جي جهان جو شخص، جئي گهٽ، مري گهٽو
(ايم ڪمل)

- - - - -

کهڙا کهڙا ٿُوهر اُڀريا ڌرتيءَ تي
متيءَ جي پڻ پنهنجي ڪا لاچاري آ
(لڇمڻ ڪومل)

- - - - -

روز جن سان رهي ٿي روح رهاڻ
اي خدا! هاڻ ڪين واپس آڻ
(موتي پرڪاش)

- - - - -

ڏاڍو اوکو آ، اُنَ تي پيرُ رکڻ
فيصلي جي تتلَ تتلَ واري
(شريڪانت صدف)

- - - - -

اُس اگهڻ تي ڏِٺم لهي آئي
لُڙڪَ پنهنجا سُڪڻ وڃهان ٿو مان
(ونود آسوداڻي)

- - - - -

خواهشن جو ڏَڻُ هلو ڪاهي اچون
زندگيءَ جو ڪم سچو ڏاهي اچون
(لڪشمڻ دُبي)

- - - - -

پيارَ ڪان مُرڪ جنهن چني هوندي
پڪ انهيءَ جي ٻه دل ڀني هوندي
(ڪيمن مولاڻي)

## سنڌُ ۾ نئون غزل

ورهاڱي کانپوءِ، سنڌي غزل هڪ ٻن ڏهاڪن تائين قديم فارسي ۽ اردو ڪلام جي اثر هيٺ لکجندو رهيو، ان سيلاب کي بند ٻڌڻ لاءِ جتن ڪندڙن ۾ سنڌي ترقي پسند ۽ قوم پرست شاعرن اهم ڪردار ادا ڪيو. لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن جي محنت کانپوءِ، سنڌي غزل جي فارسي غزل جي قيد مان ضمانت ٿي ۽ سنڌي غزلَ پنهنجا موضوع تبديل ڪيا. پڙهندڙن به، وڏيءَ دل سان، انهن موضوعن جي آجيان ڪئي، پر اها اڃا اڌ فتح هئي. غزل اڃا به ساڳين مروج وزنن ۽ بحرن جو ٻانڌي هيو ۽ تخليقي جوهر جي درياهه کي آزاد نٿي ڇڏيائين. گُذريل ٻن اڌائي ڏهاڪن ۾ غزل، سنڌي ٻوليءَ ۾ مڪمل طرح پنهنجا پيرَ کوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن، ڳالهه ۽ اسلوب ٻئي سنڌي غزل کي پنهنجا هجن. سنڌُ ۾ گذريل ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ نئون غزل لکڻ وارن نَون ۽ تازن توانن شاعرن جي هڪ وڏي کيپ آهي، جن سان اڳ واري ٽهيءَ جا شاعِرَ ساٿُ ۽ سهڪار ڏئي، ساٿن همقدم هلي رهيا آهن. واسديو موهيءَ جي ڪتابَ ”ڳالهه شاعريءَ جي“ تي راءِ ڏيندي، غزل جو اهم شاعر ارجن حاسد لکي ٿو ته: ”غزل به لکجي پيو، ورهاڱي کان اڳ، چاهي پوءِ به لکجي رهيو آهي، تڏهن به صاف ڏِسبو آهي ته، هر ڪنهن دؤر سان وابسته هوندي به، ادب جي جهلڪ ڪن ڪن شاعرن وٽان ئي ملي ٿي موضوع هر دؤر جو، ڪنهن حد تائين الڳ الڳ رهيو آهي، پر ڏِسڻو اهو آهي ته ان ارتقا ۾ ڪهڙو شاعر ڪٿي بيٺو آهي.“ (2)

ارجن حاسد جي مٿئينءَ راءِ سان سهمت ٿيندي، ڏِسڻو اهو ئي آهي ته ارتقا جي ان سفر ۾ ڪهڙو شاعر ڪيئن ۽ ڪٿي بيٺو آهي. اڄ جو غزل، پنهنجي لُغتي معنيٰ کي سنڀاليندي، اڄ به پيار ۽ محبت جي اظهار جو سگهارو وسيلو بڻيل آهي، پر گل و بلبل، شمع پرواني، صبا، صبو ۽ سَروقامتيءَ سان لاڳاپيل سڀ لفظ، تشبيهون، استعارا ۽ ترڪيبون مَتجي ويون آهن. صرف ۽ صرف داخلي اظهار جو ذريعو بڻيل هِن صنف، خارجي معاملن کي به خوشدليءَ سان پاڻ ۾ سمائي ورتو آهي. اردو اديب ڪليم الدين احمد پنهنجي ڪتاب ”اردو شاعري پر ايڪ نظر“ ۾ خبر ناهي ته ڇو، غزل جي صنف تي دل کولي ڇوهه ڇنڊيا آهن ۽ کيس بربريت سان ڀرپور هڪ نيم وحشي صنف ڪوٺيو آهي، شايد ان ڪري جو کيس وڏو اعتراض، غزل جي هر شعر ۾ الڳ الڳ خيال ۽ مفهوم هئڻ واري ڳالهه تي آهي، جڏهن ته اها ئي اُها خوبي آهي، جنهن غزل کي فني توڙي فڪري اعتبار کان وسعت بخشي آهي. شاعر جي ذهن ۾ ايندڙ ننڍڙا ننڍڙا خيالَ ان سببان ضايع ٿيڻ کان بچي وڃن ٿا. هاڻوڪي غزل ۾ سماجي مسئلن، انسان ۽ وطن دوستي، شهري زندگيءَ جي اَلمين، ترقيءَ جي نالي ۾ ٿيل تنزلين، اندر جي ڀَڃَ ڊاهه ۽ ٻين انيڪ مامرن کي سُهڻي ۽ سيبتي نموني آندو ويو آهي. سنڌ ۾ موجوده دؤَر جي، سَرجندڙ غزل کي اسان انساني زندگين ۽ سماج ۾

موجود خوبين ۽ خرابين جي پس منظر ۾ ٿي ڏسنداسين ۽ راءِ قائم ڪنداسين.

### مذهبي مَت ڀيدَ کان مٿانهين سوچ جو اظهار

سنڌ اتهاسڪ طور تي روشن ذهن رهي آهي. ڪلاسيڪل کان اڄ جي دؤر جي شاعريءَ تائين، سيڪيولر ازم، سنڌي شاعرن جي واضح موقف طور سندن شاعريءَ ۾ چِٽو نظر اچي ٿو. هاڻوڪو غزل بہ، پاڻَ ۾ ان سُهڻي ۽ سگهاري روايتُن کي سانڍيندو پيو اچي، مذهبي مَت ڀيدَ کان مٿانهون ٿي، هاڻوڪي سنڌي غزل جي شاعرن، سڀني مذهبن ۽ ان جي نمائندگي ڪندڙ مقدس هنڌن، ماڳن ۽ ماڻهن جو ذڪر پنهنجي غزل، ۾ ساڳئي محبت ۽ احترام سان ڪيو آهي. هُو جتي مسجد کي مقدس ۽ اهم سمجهن ٿا، اُتي مندر، گِرجا ۽ ديول بہ سندن لاءِ احترام لائق ۽ سندن غزلن جو اهم موضوع آهن:

تُنهنجي گهرَ جي پرسان آهيان
چِڻُ مندرَ جي پرسان آهيان
(ادل سومرو)

- - - - -

يادِ واڇُوڙي جيان مونکي اُڏايو تي وڃي
چَرچِ واري هال ۾، تون پادري ۽ مان
(منير احمد)

- - - - -

صَليبَن تي ٽنگيل آ، لفظ بائيبل جا اُچاري ٿو
ڪلِيسا جي دريءَ مان چنڊُ، عيسىٰ کي نِهاري ٿو
(بخشل باغي)

- - - - -

ڏياريءَ جو ڏِيئو ناهيان، سَمو گُذري اُجهائين تون!
نہ مان بنديا، جڏهن چاهين، پرين! ماٿي سجائين تون!
(ساحر راهو)

- - - - -

اڪيلو عشقُ ٿي درويشَ جي دل جيئن زندهہ هو
زمينون ۽ زمانا خاڪَ جا ها ڀيرَ مي رَقصم!
(اسحاق سميجو)

- - - - -

اُجري دل مدينو آهي
ڪاريءَ دل ۾ ڪينو آهي
(آٿم ناٿن شاهي)

- - - - -

ساهہ سَر بينَ ۾ وجهڻ سببان
گڏ ڪرشن سان گوپيون هونديون
(منظر حيات قاضي)

- - - - -

ڪاش مان تُنهنجا خوابَ سپئي رنگين ڪري
بڻجي رنگُ هوا ۾، اُڏران هوليءَ جو
(ستار سندر)

- - - - -

اڪيون محراب، مُرڪ جڻ پُوڄا
ماڻهو مسجد جو آ، يا مندر جو؟
(رڪيل مورائي)

- - - - -

روحَ جا رشتا رَکي ٿي راتِڙي، رات تارن سان لَهي ٿي راتِڙي
ڳالهہ ڏياريءَ جي ڪئي ڪنهن راتِ ۾، ڏِيئا ڏِيئا ٿي وَجي ٿي راتِڙي
(رجب ٻگهيو)

مٿين شعرن ۾ مندر، مسجد، چرچ، ڪليسا، گرجا، بائيبل، عيسيٰ، مدينو، ڪرشن، محراب، سڀ مقدس ۽ احترام لائق آهن ۽ سندن ذڪر بہ احترام واري معنيٰ ۾ ڪيو ويو آهي. ائين ئي ڏياري ۽ هوليءَ جو ذڪر بہ ۽ اهو سڀ سطحي ناهي. آرٽسٽڪ ۽ اثرائتو آهي.

## ورهاڱي جو دردُ

ورهاڱا رُڳو مُلڪن ۽ خِطن جا ئي ناهن ٿيندا، اُن سان گڏُ محبتون، جذبا، احساسَ بہ ورهائجي ويندا آهن ۽ ورهاڱن / وِڇوڙن جا ڦَٽ ڇَٽندا بہ ناهن. ڌرتيءَ کان ڌارَ ماڻهن جي پيرن هيٺان وري ڪڏهن بہ ڌرتي ناهي ايندي. هو وڃن وڃن ”مڪانن“ ۾ رهندا آهن ۽ سڄي عمر ”گهرن“ کان محروم رهندا آهن. ورهاڱي جو اهو وڍُ پنهنجي مُنڍ کان اڄُ تائين، جيئن جو تيئن موجود آهي. اهو چاڪ گذريل صديءَ جي پنجين ڏهاڪي ۾ بہ چڪندو رهيو آهي. سنڌُ ۽ هندُ جي سموري نمائنده شاعري (هاڻوڪي

غزل سوڌو) ان الميي کي وساريو ناهي اباڻا ڪَکَ ڇڏڻ جو درد، سِنڌ جون سارون، ٻالپڻ جي سنگتين ساٿين کان دُوري، ڪڏهن احساس محرومي، ته ڪڏهن احساس مجبوري. پيار جيان درد جون به ڪي سَرحدون ناهن هونديون. ان الميي تي انهن ته لکيو ئي آهي، جن وقت جو وارُ سيني تي سَنو هيو، پر اُهي به لکندا ٿا رهن، جن ٻُڌي ۽ پڙهي، ان دردَ کي پنهنجو ڪيو آهي:

ڪا قيامت مٿان تي گُذري، تڏهن
ڪيرُ ايئن تو ڇڏي وطن پنهنجا!؟
(اياز گل)

- - - - -

تي مجبور اُڏامي، ڏُور اُجارا هنج ويا
هيل به جيڪي پل پل پنهنجي سَرَڪي سارِن ٿا
(اياز جاني)

- - - - -

اجا سنڌ ڇا لئہ نهاري تي واٽون؟
هُو ماڻهي، اُتم ۽ هِري ڪونہ ايندا
(ادل سومرو)

- - - - -

ڪنڌ به ڪونہ ورايئي ڪا ڪا!
سنڌ ڇڏي ڇا پايئي ڪاڪا!
(جاويد شبير)

سنڌ جي شاعرن، ورهاڱي جي الميي تي، پنهنجي وڇڙي ويل حصي سان همدردي به ڪئي آهي ته شڪايت به سندن پاس خاطري به ڪئي آهي، ته ڳوڙها به ڳاڙيا آهن.

### وطن دوستي ۽ عواميت

سنڌيءَ جي مهان ڪَوي نارائڻ شيام لکيو آهي: ”شاعريءَ جي ڪُل صنفن ۾، غزل جهڙي اثرائتي ٻي صنف نه ملندي ان جو ڪارڻ فقط اهو آهي ته، غزل کي عشقَ جي نفسيات کان زياده همه گير ۽ پُرتاثير ٻيو جذبو آهي ئي ڪونہ. پر ان هوندي به مُنهنجو شخصي خيال آهي ته، غزلُ سنڌ ۽ سنڌين جي حالتُن جو ترجمان ڪونه ٿي سگهيو آهي ان ڪري سنڌي غزل، سنڌي عوام کان ته ڇا، پر ڪيترن سنڌي ساهتڪارن کان به هڪ ڪَتيل يا وڇڙيل چيزَ ٿي پيو آهي.“ (3)

غزلَ بابت، غزل جي هڪ وڏي شاعر جي اها راءِ پنهنجي وقت جو سچُ هوندي ٿي. هاڻوڪي غزل تي ٺهڪي ڪانه ٿي اچي. سنڌُ جي موجوده دؤر جي شاعرن ۾ غزل جو شايد ئي ڪو شاعِرُ هجي، جنهن سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي جذبن، حالتن ۽ ساڻن لاڳاپيل مسئلن جو ذڪر (گهٽِ وڌ ئي سهي) پنهنجي غزلن ۾ نه آندو هجي. سنڌ دوستي ۽ سنڌيت پرستي هر شاعر جي رڳَ رڳَ ۾ سمايل آهي، جنهن جو اظهار، هُنن ٺلهي جذباتيت سان نه، پر فنائتي نموني سان ڪيو آهي:

سنڌڙي سُر سنگيت، سُگنڌ
مون ڪي سائينءَ جو سوڳنڌ
(امداد حُسيني)

- - - - -

ڌرتيءَ سان پيار پنهنجي ايمان ۾ وِڌم
قرآن جو ئي ورق هو، قرآن ۾ وڌم
(سرڪش سنڌي)

- - - - -

اوهان جو پيارُ مقدس آ، سنڌ جيان عاجزَ
سچنَ ۽ سنڌُ سان ڪائي مَٽي نه ٿيندي آ
(علي دوست عاجز)

- - - - -

شهرَ ۾ سمنڊَ جهڙوڪرَ ڪپي ويندا
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر ڪپي ويندا
(احمد سولنگي)

- - - - -

شالَ ڪراچي ايئن نه ٿئي جيئن
سنڌُ جو حصو هو، ملتان
(زيب سنڌي)

- - - - -

چُپ آهيو دنگَ جي پٿرَ جيئان، چونٽا گَرجي اُٿو ڪيهرَ جيئان
چوپلا هِن ڳالهه تي سوچيو نٽا، پنهنجي گهر ۾ چوا سان بي گهرَ جيئان؟
(آسي زميني)

مٿين شعرن ۾ سنڌ جي عظمت کي ساراهڻ سان گڏ، پنهنجي ڌرتيءَ تي نڌڻڪن وانگر رهڻ جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. ائين ئي هيٺين شعرن ۾، سنڌ کي

پاڻيءَ کان محروم ڪرڻ، سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ، سنڌ لاءِ سُکَ ۽ سلامتيءَ جو اونو ۽ ڏرتيءَ خاطر ويڙهه جهڙن قومي نوعيت جي مسئلن کي ڪنيو ويو آهي:

سنڌ ايڪيهينءَ صديءَ ۾، زندگي ڳولي پئي
جيئن مڇي سنڌونديءَ ۾، زندگي ڳولي پئي
(سائل پيرزادو)

- - - - -

هاڻي سنڌوءَ ۾ اُڏي واري پئي
مَست چولين، وهڪرا ڪاڏي ويا
(محمد علي پنهل)

- - - - -

فرق ئي هاڻي نٿو محسوس ٿئي
سنڌ جي يا ڪربلا جي ڳالهه آ!
(جواد جعفري)

- - - - -

وقت وفاق اٿئي! سنڌ جيئن سَتجي نه وچين
ايترو سادڙو سانولَ!، سنڌ سياءَ نه ڪر
(آڪاش انصاري)

- - - - -

هر ڪنهن تو ۾ اڪ وڏي آ
سنڌ سونهاري تي پئي آهين
(سجاد ميراڻي)

- - - - -

ڇا ديسَ جي سُکن جو امڪان ڪونه آ؟
ان خوف کان وڏو ڪو نقصان ڪونه آ
(امر پيرزادو)

- - - - -

گهڻا جرنيل ڪاهيندڙ، مچن ٿا سنڌ جي ڌرتي
دُنيا ۾ ڪَنڌ کي اوچو رکڻ جو فَنُ جاڻي ٿي
(خطائي ٽيبو)

**پنهنجي دؤر جي مسئلن جو سڌو ۽ علامتي اظهار**

سنڌ ۾ هاڻوڪو غزل، ائين ڪونہ ٿو لِکيو وڃي، جيئن پنهنجي ابتدائي دؤرن ۾ لکيو ويندو هيو. هُن فارسي ۽ اردو غزل جي اثر کان گهڻي ڀاڱي پنهنجي جند آزاد ڪري ڇڏي آهي. اردو واري فارم ۾ هجڻ جي باوجود، سنڌ جو غزل پنهنجي ڌار سڃاڻپ رکي ٿو. تشبيهون، استعارا، ڪنايا، اشارا، ترڪيبون ۽ روايتون ساڳيا نہ رهيا آهن، ائين ئي جيئن ان جو مزاج ساڳيو نہ رهيو آهي. ان کان بہ اڳتي، سنڌ ۾ جديد غزل جي شاعرَ وٽ گهڻو ڪجھ آهي، جيڪو زندگيءَ ۾ آهي ۽ زندگيءَ ۾ زندگيءَجي علامت آهي اسان وٽ نئين غزل جي شاعرن، پنهنجي دؤر جي مسئلن، مونجهارن، ذهني ۽ جسماني دٻاءُن ۽ بندشن کي بہ وڏي مهارت، نَون اشارن ۽ علامتن جي آڌارَ تي غزل جو موضوع بڻايو آهي ۽ ڪيس نوان مفهوم ۽ معنائون ڏنيون آهن، جيڪا ڳالھ فارسي روايتن هيٺ غزل رچيندڙ شاعرن وٽ نٿي ملي:

جسم جي هر دؤر ۾ توهين تي
مَذهبن هر دؤر ۾ تائيد ڪئي
(ج.ع منگهاڻي)

-----

پار نديءَ جي ننگي ناري
پڪشوءَ کي ڀڳوان لڳي ٿي
(اثر)

-----

ڇَربتن جي دؤر ۾ قانون ڳوليندو رهيس
مان چريو ٿي، جنوريءَ ۾ جوڻ ڳوليندو رهيس
(مفتون ڪورائي)

-----

دل جي بندوق هٽي ڇڏِ مون کي
اڪِ جي رستي تان ڪٽي ڇڏِ مون کي
(وفا ناٿن شاهي)

-----

نينهنُ سانديل اسان جي سيني ۾
ڪنهن وڏي انقلاب وانگي آ
(اختر درگاهي)

-----

گـنـدُ جـي ڍيـرَ تـي ڪُـنـواري ڪـا
گـهـگـهـ اونـدهـ ڪـي ٻـاڙ ارپـي وئـي
(اياز رضوي)

سماجي ڏاڍُ، اَڻ برابري، اظهار جي آزاديءَ تي بندش، غربت، لاقانونيت، اڄوڪي ٽين دنيائي سماج جو شناختي ڪارڊ آهي ۽ مٿيان شعرَ ان جي فوٽو ڪاپي آهن ۽ ان ڪان به اڳا اڳتي:

ڇا لئہ عجيب مؤلا!، منهنجا نصيب مؤلا!
اڪِ سامراج هُن جي، دل آ غريب مؤلا!
(پنهل)

- - - - -

ڏِڪو، ٽاپو، ٽيلو آهيان
مونجهارن جو ميلو آهيان
(واجد)

- - - - -

هيلَ ڌُڪار ۾ ٽرَ وارن جون
ٽي ويئڙيون ٽرَ وانگي اڪڙيون
(اقبال رند)

- - - - -

جيڪو پڪڙيو ويو هو راهـَ وٽان
لاشُ موٽيو آ، قتل گاهـ وٽان
(عبدالحميد آس ڀير)

- - - - -

بَدن جي تہ اوگَهڙ بُري ڳالهہ ناهي
نہ ٿئي پنهنجي نظرن ۾ ڪو شالَ ننگو!
(مشتاق گبول)

- - - - -

مان مزدوريءَ جي چِنتا ۾ تڪڙو هُيس
سو دريءَ جا اشارا وِچائي ڇڏيم
(معصوم بُخاري)

- - - - -

اِهــو عشــقُ پــاڳــل وجــي عــرشُ اُڪــريــو
ڪُــهــاڙيــن ڪُــتــا صــرف پــاڇــا پَــڌَر ۾!
(سردار شاهہ)

سنڌي هاڻوڪي غزل جي مزاج ۾، تبديليءَ جي ثابتي اهڙا ڪيترائي شعر ڏئي رهيا آهن ۽ بيشڪ سنڌي غزلَ ۾ مزاجَ جي تبديلي، شيخ اياز جي دَين آهي، جنهن کي پوءِ سَندس معتبر ۽ محترم همعصر شاعرن اڳتي وڌايو ۽ غزل کي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل صنفن، ڪافي، وائي ۽ بيتَ وانگي عام ماڻهوءَ وٽ قابل قبول ۽ سندن جذبن جي ترجمان صنف جو درجو ڏياريو مٿيان ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيترائي شعر انهيءَجو ئي تسلسل آهن، جن کي پڙهي هندُ ۾ غزل جي اهم شاعرَ ارجن حاسد جي، اڄ جي غزل بابت Straight Line Sensibility واري راءِ کي هٿي ملي ٿي.

**رومانوي اظهار جي پرپوريت**

مشهور روسي ليکڪ رسول حمزه توف هڪ هنڌ لکيو آهي: "شاعرَ، خانہ بدوش پنڇي ناهن هوندا ڏرتيءَ، محبوب، دل ۽ گهرَ کان سواءِ، شاعرَ بي پاڙي وڻ ۽ بنا آکيري پکيءَ وانگر هوندا آهن."

هاڻوڪي سنڌي غزلَ ۾ شاعرن پاڻ کي بي پاڙي وڻ بڻجڻ کان هر طرح سان بچايو آهي، هُنن سڀ کان وڏيڪ، بهتر ۽ سگهاروءَ غزل ڌرتي، دل، پريـنءَ ۽ پَکن تي ئي لکيو آهي، ائين ڪندي هُنن غزل جي نزاڪت، تخيل، جدت، رواني ۽ سلاست کي پڻ قائم رکيو آهي. سندن غزل جي خاص خوبي جمالياتي حُسن آهي، رومان آهي سنڌُ ۾ رومانوي شاعرن جو انگ گهڻو آهي، هُو پنهنجن ذاتي تجربن ۽ پوڳنائن جي بنياد تي رومانوي شاعري ڪري رهيا آهن. اها سندن دؤر جي رومانوي شاعري آهي: ڏِئل منظرن، ماڳن، ٿاڻن، ڪردارن ۽ پنهنجي اندر جي احساسَن جي رومانوي شاعري آهي. ان قسم جي شاعريءَ جي اهميت جو اَندازو اسان ناميارِي شاعرَ تنوير عباسيءَ جي ان راءِ مان لڳائي سگهون ٿا، جيڪا هُن اياز گل جي شعري مجموعي "دک جي نہ پڇاڻي آ" جي مهاڳ ۾ ڏني آهي:

"لوڪ گيتن جي رومانوي شاعريءَ، ڪلاسيڪي (شاهہ، سچل، ساميءَ) جي رومانوي شاعريءَ ۽ اڄ جي رومانوي شاعريءَ ۾، پيار جي جذبي جي اظهار ۾ فرق آهي. اهو فرق نہ رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ آهي، پر هر اڳتي وڌندڙ قوم جي رومانوي شاعريءَ ۾ نظر ايندو. اهڙيءَ طرح، اسان شاعريءَ ۾ رومانوي اظهار جي اپياس ذريعي اهو ڄاڻي سگهون ٿا، تہ ان قوم ۾ ڪيترو جلدي سماجي تبديليون آيون ۽ اها ڪيترو اڳتي وڌي." (4)

اچو تہ مختلف شاعرن جي ڪجهہ رومانوي شعرن جي سونهن کي ڏِسون:

ڪاٿي فرصت حياتِ ڏيندي جو، پيارَ جون مورتيون تراشيندُس
تون بہ ڪاليج مان هلي ويندينءَ، مان بہ ڪا نوڪري تلاشيندُس
(جاويد شبير)

- - - - -

اي خدا! آسمان ڍاهي ڇڏ، دل ڍهي آ جهانُ ڍاهي ڇڏ!
عشق جو ڪو گواهہ ئي ڪونهي، دل چريءَ جو بيانَ ڍاهي ڇڏ!
(سعيد ميمڻ)

- - - - -

هر حقيقت لڳي سرابُ تيڻ
پاڻَ چاهيوسين هُنَ جو خواب تيڻُ
(مظهر لغاري)

- - - - -

لڳي ويئي لاڙ سان لَنئون، اَوهان کي پِيو پيلا چا چئون
اَسان کي عشق سارِين جيان، چَندي ڦُوڪي ڇَڙي ٿو پيو
(حسن درس)

- - - - -

توکان هوندي ڏارَ جيئون ٿا، جيونُ، ڪچي گارِ جيئون ٿا
روز نوان الزام اسان تي، روز اسين سنگسار جيئون ٿا
(بخشڻ مهراڻوي)

- - - - -

هٿَ ۾ گُل گلاب اسان وٽ پيي آهي
تو جهڙو هڪ خواب اسان وٽ پيي آهي
(نصير مرزا)

- - - - -

تُهمتن هوندي بہ مون سان ساڻُ هئي
ڪيئن چئين ٿو، پيار ڪان اڻجاڻ هئي!
(حفيظ باغي)

- - - - -

هُوءَ ڪيڏي نہ بي چَئي آ
مون کي هيڪل ڇڏي وَئي آ
(سميع بلوچ)

- - - - -

هر لمحو ناراضگي ۾ هر لمحو تڪرار جيان
ڪنهن ڏنوئي ڪينَ آهي، پيار اهڙي پيار جيان
(امر اقبال)

- - - - -

هوءَ لفظن مان ڪجهه نه ٿي جاڻي
هُنَ اکيان دل ڪيڏي رکي ڏسجي
(فياض چندڊ ڪليري)

- - - - -

هي مُقدس ڪِتابُ چهرن جو
زندگي ڀَر پڙهيو نه ٿيو مون کان
(حُسين جاگيراڻي)

- - - - -

نه آهين تون مگر آهي، اسان سان دردُ هي تُنهنجو
لڳي ٿو درد هي تُنهنجو، اسان جي گهر جو ڀاتي آ
(مسرور پيرزادو)

- - - - -

هو نيڻَ کڻي مون ڏي نِڪري ته اکيون مُرڪن
ڪنهن باغ جي گُلَ وانگر نسري ته اکيون مُرڪن
(ابرار ابڙو)

- - - - -

ڀاڪُرن ۾ ساهه ٿي تڪڙا کڻي، تنهنجي ڇاتي، منهنجي ڇاتي وانگيان
مان ڪڏهن ويندس، ڪڏهن ايندس ٽِڪي، تنهنجي گهرَ ۾، تُنهنجي ڀاتيءَ وانگيان
(قدير انصاري)

- - - - -

ڀَسن ٿا نيڻَ نماڻا ڀري ڀري تائين
اوهان جا رنگَ او راڻا!، ڀري ڀري تائين
(طارق عالم)

- - - - -

ڪي نگاهون نٿيون ڪَڇن جنهن ڏي، حُسنَ تنهن تي نکار بي معنيٰ!
تُنهنجي ٻانُهن جي قيدَ ۾ جانان! منهنجو هر اختيار بي معنيٰ!
(روبينه ابڙو)

- - - - -

پيارَ وارو پنڌُ هو، ساهَ جي سُڳنڌ هو
هُو مِلي هَلي بہ وَئي مهڪَ سَنڌُ سَنڌُ هو
(خليل عارف سومرو)

- - - - -

هوا تہ ڏاهيا پيرا آهن، ناهِ خبر ڪٿ ديرا آهن
ڪئين ڇُهان مان تُنهنجي ڳَلَ کي، مُنهنجا هَٿَ تہ ميرا آهن
(نياز پنهور)

- - - - -

هڪ واٽَ ٻنهي جي آ، هڪ راهِ وَفا آهي
تون مُنهنجو قدم آهين، مان تنهنجو قدم آهيان
(ڪوثر برڙو)

- - - - -

مان خوشيءَ سان خطا ڪري ويٺُس
حُسن آيو تہ ها ڪَري ويٺُس
(برڪت بلوچ)

- - - - -

اندلٺ جهڙو تُنهنجو نالو، رنگن جهڙو تون!
گيتن جهڙي ڳالهہ ڪرين ٿو، غزلن جهڙو تون!
(ساپيان سانگي)

- - - - -

موڪيءَ وَڻِي وڏائي، درويشَ مُسڪرايو
مخمور تي خُدائي درويشَ مُسڪرايو
(علي زاهد)

- - - - -

اُبَ وارن جي ڳالهہ ٻي آهي
تُنهنجي تارن جي ڳالهہ ٻي آهي
(سائينداد ساند)

محبت جي جذبي سان ٽمٽار مٿيان شعر پڙهي، اردوءَ جي وڏي شاعرَ منير نيازيءَ جي، نئين غزل بابت ڏنل راءِ وري پڙهڻ تي دِل ڪري ٿي: ”غزل، يادُن جو هڪ ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ سلسلو آهي. هي گُذري ويل ڏينهنَ، جاڳندڙ شبستانن، وسامندڙ شمعن ۽ جلندڙ پروانن جي ياد آهي. هي ميلاپ ۽ جُدائي جي ڪڏهن نہ

وسرندڙ لمحن جي ياد آهي. هِنَ ۾ هڪ لمحو ڪڏهن صدين ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ ڪڏهن وري صديون هڪ ساعت ۾ سمائجي وينديون آهن. هيءَ صنف محبت سان زنده آهي، محبت کي زنده رکي ٿي ۽ محبت جي زبانَ ۾ گفتگو ڪري ٿي. هيءَ انسان تي عاشق آهي. (5)

۽ اجا بہ ڪجھ مٿئين حوالي جا وڏيڪ شعر:

وصل بهتر آ، جُدائيءَ مان پلا ڇا ٿو وري؟
توکي ڍولڻَ ! بي وفائيءَ مان پلا ڇا ٿو وري؟
(منير سولنگي)

- - - - -

لوڪُ سارو آ سُتل، پر ذلف جاڳيل ڪجھ نہ ڪجھ
ٿي وئي آهي، اسان جي دل پڻ پاڳل ڪجھ نہ ڪجھ
(ذوالفقار سيال)

- - - - -

سَکِي! تون هوڏَ جي حالت تان شلَ لهين جيڪر
مٺي! او رحم جي عادت سِکي پوين جيڪر
(عابد مظهر)

- - - - -

سنگ پُل پي جي، سانوري هلندي
ها سڄي عُمر شاعري، هلندي
(حبيب ساجد)

- - - - -

پيارَ کي انتظارُ ڏيندينءَ ڇا؟
زندگيءَ ۾ اجا نہ ايندينءَ ڇا؟
(رياضت بُرڙو)

- - - - -

دل جو پيڙو، سو اکين ۾ ويو پڏي
سَمنڊَ ۾ پي جو پُڏڻَ وارو نہ هو
(وِشال)

- - - - -

موڪلائي هُو روانو ڇا ٿيو!
شهرَ کي مَنظر جهُڙالو ڏئي وَيو
(حنيف عاطر)

- - - - -

چنڊَ چهرن کي چُمڻَ جي خواهش ۾ ٿي رهي
دل جُنوني آ، لڳي ٿو مارجي ويندي ڪٿي
(اظهر ٻانڀڻ)

- - - - -

ڏِسُ تہ ڇا ڇَڏِي ڦَٽِي رَهي آهي
تُنهنجي جُواني ڇَٽي رَهي آهي
(شوڪت نوناري)

- - - - -

دردُ هاڻي جهَڪو جهَڪو آهي
عُمر ڀَر آ ڏُکيو، ٿَڪو آهي
(شبير هاليپوٽو)

- - - - -

رات تلخين جي ڪڏهن ڪاري نہ ڏي
حُسن کي رب! چوٽ ڪاپاري نہ ڏي
(بيخود بلوچ)

- - - - -

حق جي تارَ وڳي آ، هُو هُوُ!
تُنهنجي سارَ لڳي آ، هُو هُو!
(مصطفيٰ آڪاش)

- - - - -

دردَ کي ڏيان، ڏيهہَ نيڪالي ڀلا!
ڪيئن پنهنجي دل ڪيان خالي ڀلا؟
(خادم منگي)

- - - - -

سوچَ گهريءَ ۾ ٻُڏي پئي آهي
جڙَ تہ شوڪيسَ ۾ گُڏي پئي آهي
(شاهن سمنگ)

- - - - -

تون ٻارج اچي مُرڪَ مُنهنجي ڇَپن تي
قبر جي ڏِيئي جان وسايل رهيو هان
(آغا سجاد زائر)

**نڪور تشبيهن، استعارن ۽ عڪس جو استعمال**

نت نيون تشبيهون، انوکا استعارا، نجُ سنڌي ترڪيبون سمورن، حواسن کي ڇُهندڙ عڪسَ، منظر نگاري، جذبن ۽ احساسن سان ڀرپور، داخلي توڙي خارجي دنيا جا، زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سڀ اهم موضوعَ، اڄ جي غزل ۾ نمايان نظر اچن ٿا تشبيهون، عڪس ۽ استعارا هونئن تہ شاعريءَ جي هر صنف جو سينگارُ ٿين ٿا، پر غزل ۾ انهن جي موجودگي غزلَ جي سگهہَ ۽ اثر انگيزيءَ ۾ اضافو ڪري ڇڏي ٿي:

نيڻَ ها يا هَنس جاڙا ڍنڍَ ۾، جڻ ڪَتيان تو مان ڏهاڙا ڍنڍَ ۾!
نيرڳيون اُڏريون پئي، پڙلاءَ ها، يا هوا جا روجَ راڙا ڍنڍَ ۾!
(فياض ڏاهري)

- - - - -

ٻاڻ ۾ ٻاري اکيون ويهي رهيو، واٽَ تي هاري اکيون ويهي رهيو
انتظاريءَ جون ٻريل تيليون هٽي، ميڻ جيان ڳاري اکيون ويهي رهيو
(حبدار سولنگي)

- - - - -

هِنَ اَنبن جي ٻُورَ جهڙي سِنڌُ ۾
خُوشبوئن تان مامرا ٿي پيا ڀرين!
(حاجي ساند)

- - - - -

شعرَ جيڪي ٻہ پيارَ تي آهن
جَڻُ ڪبوترَ مزارَ تي آهن
(وحيد انصاري)

- - - - -

ڇاڙڪيءَ جيتري خوشي آهي
جيڪا ڏکَ جي بَدن تي پاتي آ
(احسان دانش)

- - - - -

لفظن جي عورتُن سان ساڙِي عُمرِ اسان
اي دوست! آڱريُن ۾ ٻاڙِي عُمر اسان
(رفيق سيال)

- - - - -

سُنـدر سپـنـا سـاڻُ ڪـٽـي آ پِـرهـ پُڳـي
جـيـونَ ڪـٽ لـئـ واڻُ ڪـٽـي آ پِـرهـ پُڳـي
(علي آڪاش)

- - - - -

اجا سُڏڪا پري وينـي، ٽُـٽـل ڪـنـهـن رات جي چُـوڙي
شُماري زخم تي پنهنجا، ٽُٽل ڪنهن رات جي چُوڙي
(يونس همدم)

- - - - -

پـاڻَ ڪـان پـاڻَ تـائـيـن پُڳـيـون هِـن اڪـيـون
خواب مجذوب جـو، هـيءُ رُڳـيـون هِـن اڪـيـون
(فياض لطيف)

- - - - -

ڳـل جـي ڏرتـيءَ مـٿـان، بـس وَسـي ٿـو پـيـو
اڪ جـو عـامـرَ!، ڪـڪـرُ، چـو کُـٽـي ٿـي نـٿـو؟
(عامر سيال)

- - - - -

مُنهنجو نهارڻ جيئن آواز، تُنهنجو مُرڪڻ جڻ پڙلاءُ
پاڻ ڪي جاڳايو چولين، چولين ڪي پڙڪايو واءُ
(مختيار ملڪ)

- - - - -

پُـراڻـي اڄ وري صـنـدوقَ کـولـي
چُـمـي هـر چـيـزَ، ڳـل لائـي ٿـو پـوڙهـو
(رضا بخاري)

- - - - -

اڄُ بـ سـمـنـڊَ ڪـنـاري بـيـهـي
لـهـرُن ڪـان مـون سُـرَ ورتـا
(مهر خادم)

- - - - -

نـيـري پـاڻـيءَ ۾ ڪـنـولُ ڏاڍو وڻـيـو
سـونـهـن جـو رَدِ عـمـل ڏاڍو وڻـيـو
(سوز هالائي)

- - - - -

ٺهڪَ جَلَ ٽي ٻنهي ڏنا گڏُ گڏُ!
هنجَ جاڙا اُڏيا، لٿا گڏُ گڏُ!
(راشد بروهي)

- - - - -

ڇا تہ ڏِسُ آهي خُدا جي شاعري
رقصُ مورن جو وُڻي جي هِيرَ ۾
(مير حسن آريسر)

- - - - -

جيونُ ٻيڙيءَ ٽوڙي وانگر
۽ ڪنهَن پئسي کوٽي وانگر
(عادل عباسي)

- - - - -

ريشم ٻِليءَ ۾ اُردو، اُمراءُ جان جهڙي
آوازَ ڇوڪرين جا، لکنؤ جي ڇيرِ وانگي
(روحل ڪالرو)

- - - - -

چاندوڪي ناريلَ جو پاڻي
چنڊُ ڪٽيلَ ناريلَ جيان آ
(پارس عباسي)

مٿين شعرن ۾ ڪتب آندل تشبيهون، استعارا ۽ عڪسَ نوان نڪور ۽ اَڻ ڇُهيل آهن، جيڪي ذهن ۾ تازگي پري ڇڏن ٿا.

## ڪلاسيڪل روايتُن جي پاسداري

ڪتاب ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ جي مهاڳ ۾، مهان ڪَوي شيخ اياز، ڪلاسيڪل شاعريءَ جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪندي لکي ٿو: ”جن شاعرن کي خُدا ذاتِ ڏني آهي، اُهي پنهنجي راهہ پاڻَ تلاش ڪري سگهن ٿا. پر اڳي آزمايل رستي تي گهٽِ ۾ گهٽِ، منهنجي نظر ۾، ٿورو پنڌ ڪرڻ ضروري آهي.“ (6)

شيخ اياز جي اها راءِ، نامياري شاعر تنوير عباسيءَ جي لفظن ۾، اجا وڌيڪَ چِٽي ٿي سامهون اچي ٿي. هو لکي ٿو:

”هر سُٺي شاعر لاءِ، پنهنجي ڪلاسيڪي ۽ روايتي قُدرن جو نہ فقط اڀياس ضروري آهي، پر انهن ۾ اونهي ٽُٻي هڻي، ان تي مڪمل عبور حاصل ڪرڻ بہ لازمي

آهي. انهيءَ اونهي اپياس کان سواءِ هو پنهنجي ٻوليءَجي شاعريءَ جي مٿاڇري تي ئي رهندو ۽ ان ۾ ڪو رچاءُ پيدا ڪري نہ سگهندو. سُٺي شاعر لاءِ لازمي آهي تہ، هُن کي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايتن جو اونهو اپياس هجي، پر ان اپياس جي سهاري هُو پنهنجي شاعريءَ کي اڳتي وٺي وڃي، پنهنجي دؤر تائين آڻي.

جديد شاعري جي، ڪلاسيڪي روايتن کان وانجهي آهي تہ، اُها بي پاڙي آهي، هوا ۾ لٽڪيل ان ڪري ڪلاسيڪ جي پاڙُن مان جِدت جا پَن، گُل ۽ ميوا ڦُٽندا رهندا، تہ انهن کي سنو بنياد ۽ سٺي خورش ملندي." (7)

موجوده دؤر جي غزل گو شاعرن، ڪلاسيڪل روايتن کي سمجهي، پنهنجي دؤر تائين آندو آهي ڪلاسيڪل شاعريءَ جا علامتي ڪردارَ، تخيل ۽ تغزلُ، اڄ جي غزل ۾ ڀرپور ۽ فنائتي نموني ملن ٿا:

دل بہ منهنجي جڙ تہ آ، ڀنڀور جي سُسئي جيان
پئي وڃي اڳتي نتي وَڻراهہ جا سپنا ڇڏي
(وسيم سومرو)

- - - - -

مُنهنجي نِوڙت سان پيارَ تي ويو تُس
آءُ نوري ۽ ڄام آ جيونُ!
(اياز گل)

- - - - -

ستارن کان پري سُهڻي، اکين ۾ ٿي تَري سُهڻي!
ميهرَ تي ماڻِ جي موسمَ، اجايو ٿي مَري سُهڻي!
(امداد سولنگي)

- - - - -

اُها ئي مياڻي، اُهو ئي تَنو
اسان کان پوءِ ٿُڏبا، اسان جا مزارَ
(حليم باغي)

- - - - -

زماني شور ڪيو پئي، مگر مون ڪجهہ نہ ٻُڌو
ٻُڌي تہ تنهنجي اکين جي خَموش ڳالهہ ٻُڌي!
(تنوير عباسي)

- - - - -

دَغا لاتي هتين ميندي، وَفا جا نيڻَ آلا هِن
اوهان وٽ شادمانيون ۽ اسان جا نيڻَ آلا هِن
(زاهد راڄپر)

- - - - -

پُسيل شامَ جي هر اشاري ڪُتو
چُنِي ڪنهن هوا ۾، اڏاري ڪُتو
(ايوب کوسو)

- - - - -

وڇوڙي ويلَ واهوندا، ڪندا هِن پيلَ واهوندا!
هٽين تو ڪاٺُ هينئڙي ۾، اڙي ڏاڙيلَ واهوندا!
(امر ساهڙ)

مٿين شعرن ۾ سنڌُ جي ڪلاسيڪل عشقيه داستانن جا ڪردار، سسئي، نوري، ڄام تماچي، سهڻي، ميهار علامت طور آندا ويا آهن. جڏهن ته تاريخي ماڳن: ڀنڀور، ، ٺٽي، مياڻي جو حوالو به اُهڃاڻي آهي، جنهن ۾ جدت جي آميزش ڪئي وئي آهي. ائين ٿي ٻيا شعرَ تخيل ۽ تغزل سان تِمتار آهن.

**رشتن جي بي معنائيءَ جو اظهار**

زندگيءَ جي انيڪ پوڳنائن مان هڪ رشتن جو بي معنيٰ ٿي وڃڻ به آهي ماڻهو پنهنجي ذاتِ ۽ ذاتي مفادن جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهي. سڀ ڪنهن سان هوندي به، هُو ڪنهن جو به ناهي (شايد پنهنجو به نه) گوڙدن گهايل جي شعرَ وانگر: ”هڪ ڀٽي ڪان اٽواقف سڀ هئا. گهر جي نالي ۾ هوٽل هو“ واري صورتحال آهي شاعرُ، اديب ۽ فنڪار انهيءَ اندر ۽ ٻاهر جي پيچ ڏاهه واري ماحول جو حصو آهي. هُو ان اذيت ڪي عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڀوڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته جيڪو سوچي ۽ سمجهي ٿو، ڏُک ان جي حصي ۾ وڌيڪَ اچن ٿا. ”اَلا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏِسن“ ماده پرستي ۽ رشتن جي بي معنائيءَ جو دردُ، اڄ جي غزل جو موضوع به آهي:

پيءُ سان پُٽَ، گڏُ ڪِلي ڪائن نٿا
جاءِ، ڪمرا ٿيندي ٿي وڃي
(عبدالرحيم عزمي)

- - - - -

مِٺيو جي رُڳو، پنهنجو رشتو مِٺيو آ
اُهو ڳهرَ جو دُرُ ۽ اُها ئي ڳِهٽي آ
(امداد جعفري)

### شهري ۽ ڳوٺاڻي سماج جو تضاد

ائين ئي هاڻوڪي غزلَ، ڳوٺ کان شهر جي سفر، سادگي ۽ چالاڪي جي ميلاپ ڪري پيدا ٿيل مسئلن ۽ مونجهارن جي بہ ترجماني ڪئي آهي. شهري سماجَ جي پوڳنائن، شهرن ۾ رهندي بہ ڳوٺ جي سِڪَ ۽ ڇِڪَ ۽، شهر ۾ سُڃاڻپ وڃائڻ جو خوف اُنَ جا خاص موضوع آهن:

هُن ڪي ڪُلها، پُٺاڙا، هٿ پيرَ ٿا ڪپن
هي شهر آهي، ڪنهن جو چهرو پُڇي نٿو!
(اياز جاني)

- - - - -

رنگَ، خوشبوءِ سڄي سونهن، ڪَٺي ٿي گسَ تي
ڪو وڏو پنڌُ هٽي، ڳوٺ اچڻ وارو هو
(تاج بلوچ)

- - - - -

سُکن کي پارتون ڪري، امان مُنجيو هو ڳوٺ مان
ڏُکن جي شهر آ ڏِني، سا حاصلات نندِ ۾!
(ممتاز عباسي)

### انسان دوستي، تصوف ۽ جنگ کان ڏڪارَ

هاڻوڪي غزل ۾ موضوعن جي رنگارنگي آهي وطن دوستي، انسان دوستي، انتها پسندي ۽ مذهبي ڪَٽرپڻي کان لاتعلقي، ڪُڌين ريتن رسمن لاءِ ڏڪارَ، امن، پيار، روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ تصوف جا رنگ منجهنس گهرا ۽ چِٽا نظر اچن ٿا. زندگي، اميد ۽ نراسائي گڏ ڪٺي هلي ٿي. جتي پيڙا جا پاتال آهن، اتي درد جي ڏُٻڻ مان ٻاهر نڪرڻ جا جتن بہ تعصب ۽ تنگ نظريءَ کان گهٽو گهٽو مٿانهون، انسان جو احترام ۽ پاڻُ سڃاڻڻ جو درس ڏيندڙ صوفيت جو رستو بہ موجود آهي:

دُنيا جي سيني سرحدن جي دائرن اندر
انسانيت ٿو ڳوليان، ڳولي نٿي ليي
(عبدالغفار تبسم)

- - - - -

بهشت پونءِ بڻايو، جِيئو ۽ جيئڻ ڏيو!
جهانَ کي نہ جلايو، جيئو ۽ جيئڻ ڏيو!
(استاد بُخاري)

- - - - -

امر راتڙي پيارَ جي گهاربي
اگر جنگِ، جهيڙي کان ساهي ملي
(راشد مورائي)

- - - - -

دل نہ هاريو، ڪوڙ آهن، زندگيون باقي بچيلَ
ٻاٽ-ڪي لوڏڻ لئہ آهن، روشنيون باقي بچيلَ
(رخسانا پريت چنڙ)

- - - - -

انسانيتَ سان جڳَ ۾، جنهن جو بہ ويرُ آهي
ان ساڻُ نينهن ناتو، ٿيندو، نہ ٿيو اسان جو!
(تاج جويو)

- - - - -

مذهبن ايترو مُنجهايو آ
ماڻهو بي دين ٿي ويا آهن
(معصوم سانگهڙائي)

- - - - -

الله پنهنجي اندر ۾ آ
اسان بہ شايد الله ۾ هُون!
(ساجد سنڌي)

- - - - -

منهنجي آهي جنگِ، پنهنجي ڍنگ جي
قلم ڏي، هٿيارُ ڪو ياري نہ ڏي
(سعيد سومرو)

- - - - -

جا بَجا هر گهڙي، منتشر ٿي رهي
زندگي موت جي منتظر ٿي رهي
(ساجد سومرو)

- - - - -

ماڻهپو، مانُ ٿي جيئون جَڳَ ۾
آءُ انسان ٿي جيئون جَڳَ ۾!
(جميل سومرو)

سنڌ ۾ غزل جي موجوده دؤر جي شاعرن جومطالعو ۽ پرک ڪندي، ٿي سگهي ٿو ڪي شاعِرَ حوالي هيٺ اچڻ کان رهجي ويا هُجن دراصل هي دؤر، سنڌي غزل جو ٿي دؤر آهي. مڪمل ۽ ڪامياب نئين ٿهيءَ جو شايد ئي ڪو اهڙو شاعرَ هجي، جنهن غزل کي پنهنجي تخليقي اظهار جو ذريعو نہ بڻايو هجي. سَوَ کان وڌيڪ شاعرن جي شعري مجموعن کي نظر مان ڪيڻ ڪانپوءِ بہ، ڪيترا شاعر (جن ۾ ضرور ڪي اهم شاعر بہ هوندا) وقت جي تنگي ۽ وقت سِر ڪتابن جي هٿ نہ اچڻ سبب حوالي هيٺ اچڻ کان رهجي ويا آهن، جنهن لاءِ معذرت ڪندي، پوءِ بہ هتي پُراڻن سان گڏُ ڪي رهجي ويل نالا شامل ڪرڻ ضروري سمجهجي ٿو هاڻ غزل جي قافلي کي ڪنهن منزل تائين پُهچائڻ لاءِ سفر جو سونهون ڪين ئي ٿيڻو آهي:

تنوير عباسي، امداد حُسيني، شمشير الحيدري، نياز همايوني، اُستاد بُخاري، محسن ڪڪڙائي، وفا ناٿن شاهي، تاج بلوچ، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، مير محمد پيرزادو، ڪريم پلي، وفا پلي، احمد خان مدهوش، سحر امداد، سرڪش سنڌي، عنايت بلوچ، هدايت بلوچ، تاج جويو، ايازگل، ادل سومرو، واجد، مختيار ملڪ، ج.ع منگهاڻي، نصير مرزا، امر اقبال، روبينہ ابڙو، رخسانہ پريت چنڙ، انور پيرزادو، اختر درگاهي، بخشڻ مهراڻوي، ايوب کوسو، حليم باغي، اميد خيرپوري، نثار بزمي، علي محمد مجروح، عبدالحليم جوش، سعيد ميمڻ، منير سولنگي، سوز هالائي، نياز پنهور، ذوالفقار سيال، قدير انصاري، زيب سنڌي، سيد نور رضوي، منير احمد ٻبر، بخشل باغي، اسحاق سميجو، خادم سنڌي، علي دوست عاجز، احمد سولنگي، آسي زميني، آثم ناٿن شاهي، عبدالغفار تبسم، حسن درس، غلام حسين رنگريز، مظهر لغاري، سرفراز راجڙ، سردار شاهہ، ضمير ڦل، فياض چنڊ ڪليري، سميع بلوچ، محمد علي پناڻ، سنگتراش، حفيظ باغي، طارق عالم ابڙو، وسيم سومرو، مشتاق ڦل، نجمہ نور ڦلپوٽو، معشوق ڏاريجو، مهيسر خادم رفيقي، عابد مظهر، رياضت ٻرڙو، خادم منگي، وِشال، حنيف عاطر، عاجز اچڻ، فهميده شرف بلوچ، نور احمد جهنجهي، الهورايو اُداسي، احمد علي صابر چانڊيو، وحيد انصاري، محمد علي مانجهي، اظهر ٻانيڻ، بيخود بَلوچ، مير حسن آريسر، مريم مجيدي، منظر حيات قاضي، ستار سُندر، رڪيل مورائي، ايازجاني، غلام نبي ناشاد، جاويد شبير، ڏوالفقار گاڏهي، فياض ڏاهري، عزيز گوپانگ، نذير ناز، يونس همدم، حبدار

سولنگي، شوڪت نوناري، شاهن سمنگ، غلام نبي گل، مظهر ابڙو، مقصود گل، بشير سيتائي، امير بُخاري، سائل پيرزادو، جواد جعفري، آڪاش انصاري، سجاد ميراڻي، اثر، عزيز گوپانگ، زاهد شيخ، پارس حميد، منظور خاموش، آغا سعيد، ساپيا سانگي، مفتون ڪورائي، جانب ناز غوري، فضا غزل، شبانا سنڌي، حبيب ساجد، مشتاق بُخاري، ڪوثر ٻرڙو، مهرخادم، ناياب سرڪش سنڌي، وشال امير، پارس حميد، اسد عباسي، نياز ملاح، مختيار سمون، آغا سجاد زائر، مهر خادم، فياض لطيف، عامر سيال، رضا بُخاري، سجاد مهر، وفا حاڪم وساڻ، منصور ملڪ، شبير هاليپوٽو، امر پيرزادو، مسرور پيرزادو، خالد ٻانيھڻ، سرمد چانڊيو، مختيار سمون، مير عبدالرسول مير، آڪاش عامر، ڪوي، مهڪ جوڻي، حبيب بروهي، شمشاد مرزا، ضمير لاشاري، حسن پنهيار، متل جوڻي، حاجي ساند، سائينداد ساند، نماڻو سنڌي، ساحر راهو، احسان دانش، موسيٰ ڏيٿو، سيد سراج، منير احمد ٻبر، گلشن لغاري، عاجز گبول، زخمي چانڊيو، غوث پيرزادو، گل ڪونڌر، سرمد چانڊيو، اسد چاچڙ، گل تڪڙائي، آصف منياڻوي، ابرارابڙو، شائق ڪمبوهه، ارشاد ساگر، اياز رضوي، خليل عارف سومرو، رحمت پيرزادو، عادل عباسي، مير صوبدار سعيد، معصوم بخاري، رجب ٻگهيو، منور ابڙو، اياز رضوي، پنهل، اقبال رند، عزيز گوپانگ، جوهر بروهي، مشتاق گبول، پِريم پِتافي، جميل سومرو، زاهد راڄپر، امداد سولنگي، سليمان سولنگي، امر ساهڙ، عبدالرحيم عزمي، امداد جعفري، ممتاز عَباسي، ساجد سنڌي، سعيد سومرو، ساجد سومرو، برڪت بلوچ، مهراڻ ڏامراهو، شهمير سومرو، ياسر قاضي، ظهير زرداري، وفا ٻرڙو، گلزار، مهر النساءِ لاڙڪ، فراق هاليپوٽو، شير مهراڻي، زبير سومرو، زيب ڪنگو، بدر شاهه، مرتضيٰ ڦل، اداس سولنگي، اڪبر ساگر، ماهين هيسباڻي، ضمير ڪرل، نواز خان زنئور، نصير سومرو، نياز پُتو، ياسين چانڊيو، اقبال ابڙو، اشرف پلي، آثم ارباب، خواجه ذوالفقار، ايس نسيم ميمڻ، نور چاڪراڻي، بادل، رفيق سيال، وسيم آڪاش سيتائي، شاهنواز گهوٽو، عزيز سولنگي، نياز پُتو، عارف عمار، نِم ناز، خطائي ٽيٻو، آغا سعيد، گلشن لغاري، نذير ناز، ڪفايت گل، عادل عباسي، ممتاز عباسي، پريتم قاضي، سورج سجاولي، خالد ساحل ڪيريو، منير احمد ٻبر، عرفان منان چانڊيو، شاهد حميد، منور هاليپوٽو، حاجي ساند، نقاش علواڻي، ديدار شاهه، عطاءَ دل، عزيز ڪوسو، رضا آڪاش خاناڻي، نور محمد سومرو، اسحاق ساند، هرچند ساگر، مصطفيٰ چانڊيو، پورا لعل مالهي، نند لعل مينگهواڙ، احساس سمون، روحل ڪالرو، شير محمد هاليپوٽو، ذاڪر بنگلاڻي، فريد گل، مشتاق سعيد، محمد باران، اياز امر شيخ، نور چنو، علي زاهد، مصطفيٰ آڪاش، علي آڪاش، بيخود بلوچ، منور جوڻيجو، ناشاد رشيد سنڌي، عجب شيخ، منير پنهيار، گلاب چانڊيو، شيخ ارشاد، فراخ جانوري، اداسي جڪراڻي، سرور سيف،

مصطفيٰ اُنڙ، خيال سنڌي، عبد مگسي، بادل لرا، امين چانڊيو، شهمير سيلرو، گُلبهار باغائي، مرتضيٰ لغاري، علي صفدر، سرمد سومرو، شاهنواز ڪوسو، واحد سوز، عاشق علي ٻگاهو، نويد ناز ٻَٽي، عزيز گل، اطهر منگي، تابش بُخاري، امتياز عادل سومرو، علي محمد سولنگي، انور سانول، خليل ڪوسو، معصوم سانگهراڻي، ماڻڪ ملاح، سميع سجاد ميراڻي، محمد هنڱورجو ملزم ٽري، انور پرديسي، امجد دراني، نظر لاڪائي، نذير سروهي، ساهه شيخ، زاهد چامڙو، ديدار شاهه، روشن ظفر راهو، رحمت پيرزادو، ماڻڪ ملاح، گدا خاصخيلي، شاهنواز خاصخيلي، عبدالحميد آس ٻيرو، علي نواز ڏاهري، جاويد نواز جاويد، اسد مڱڻهار، معشوق ڏاريجو، سائل پيرزادو، درد هوش محمد، مير حسن آريسر، حبدار جاگيراڻي، پارس عباسي، احسان دانش، مئڪش سومرو، امداد سولنگي، حسين جاگيراڻي، شبير بروهي، ياسين چانڊيو، اقبال ابڙو، سردار شاهه، مختيار جاگيراڻي، سرتاج جاگيراڻي، منور سولنگي، جانب ناز غوري، بدر شاهه، شبير ڪوڪر، رحمت سومرو، راڄ، حسن شيخ، غني رند، لطف سيال، نثار منصور، احساس ابڙو، ڄام آدرش، اشرف پير چنڊامي، عليم چنو، امداد جعفري، عاجز غلام رسول ابڙو، سيد سراج، نسيم بُخاري، فياض ڏاهري، سجاد سرور سيف، ساٿي محبوب، گلزار، لياقت علي لياقت، نياز ملاح، امتياز دانش، اسد چاچڙ، مشتاق بُخاري، ناصر چاچڙ، وسيم ساحل، منور هاليپوٽو، اقبال هاليپوٽو، اسير ڏاهري، دولت رام ڪتري، پيارو شِواڻي، شوڪت تبسم، شنڪر ساگر، نبي بخش درس، پارومل پريمي، گل گوماڻي، غلام فريد ڪيريو، شاهنواز خاصخيلي، رضا ڪيريو، ڊبائي مهر، شبن ڪوڪر، عاجز ٻگهيو، غلام نبي ناشاد، بابر جاگيراڻي، خالد راڄپر، خليل ڪنڀار، راشد جاگيراڻي، مرتضي ٿل، شڪيل پريالوي، ارشاد جاگيراڻي، مير حاجن مير، ڪوي، ڪلال، اثر، جمن سوهو، مختيار سهتو، سهڻي پارس، عائشه ميمڻ، حسينا ساند، ايس نسيم ميمڻ، نثار ٻانيڻ، نشاء ڪنول، جاني اسحاق ملاح، ڪامل امداد جتوئي، حيدر شاهه، شمشير سيلرو، منظر گولو، خاڪي جاني، جعفر جاني، شوڪت تبسم ڪُنڀر، اُبل اداس ٻيرو، وحيد ملڪ، اسير امتياز، صدف حُسيني، مير لغاري، حسن ساگر، معصوم بُخاري، غلام حيدر گهايل، مارو جمالي، نذير نياز جويو، احسان زنگيجو، ممتاز ڪوڪر، گلزار تبسم، محبتي ملاح، رضا لانگاهه، ساگر اعجاز، مصطفيٰ چڇڙو، اشرف سولنگي، واحد سوز ملاح، شاهنواز ڪوسو، گل سومرو، گلزار احمد، منصور سيتائي، لياقت پنهور، بالا بلوچ، خليق گڇيرائي، سعيد ساقي، عبدالوحيد جتوئي، عارف مظهر، حق نواز شيراز چانڊيو، فدا ملڪ، سيد منظور علي شاهه، مرتضيٰ لغاري، عنايت بروهي، موريل زهراڻي، عبدالله شاهه اطهر، شفيع محمد شاد، وحيد محسن، سميع ساجد جوڻيجو، عطا قاضي، راجا غضنفر بُخاري، عُمر دراز، مثل سولنگي،شيخ نديم، رشيد خانوائي،

روشن شيخ، ڪوڙل ڦُربدار، اسلم چانڊيو، عبدالغني اياز ٻَٽي، سرتاج ڀُٽو، بدر انصاري، بلال عزيز ٻِروهي، پريت گهمرو، ملزم سومرو، جي. ايم. لاڙڪ، حاڪم گل مهر، سڪندر مگسي،دوست سومرو، درگاهي گبول، مخمور ميراڻي، عاجز چاچڙ، فدا ملڪ، جبار بوزدار، عرفان لُنڊ، وسيم گبول، حاڪم مهر ۽ ٻيا.

## حوالا:


1. هري دلگير: "اياز جي شاعريءَ تي هڪ اُڏامندڙ نظرَ: ماهوار "سُهڻي" (شيخ اياز نمبر) حيدرآباد 1999ع ص: 36
2. واسديو موهي: "ڳالهه شاعريءَ جي" سنڌ ٽائمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر انڊيا ٽائيٽل بڪ (ارجن حاسد) 2007ع
3. ايازگُل: "ڏُکَ جي نہ پُڄاڻي آ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سنڌ 1997ع ص: 20
4. اُردو غزل (انتخاب) 1979 1976ع اڪادمي ادبياتِ پاڪستان، اسلام آباد آگسٽ 1980ع
5. مظفر چانڊيو (مرتب): "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1992ع ص: 57


## مددي ڪتابَ:


1. واسديو موهي: "ڳالهه شاعريءَ جي" سنڌ ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، جولاءِ ڊسمبر 2007ع.
2. مظفر چانڊيو (سهيڙيندڙ): "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1992ع.
3. اياز قادري ڊاڪٽر: "سنڌي غزل جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو نومبر 1983ع.
4. اسحاق سميجو: "دل جو رستو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2003ع.
5. ايازگـل: "ڏُکَ جي نہ پُڄاڻي آ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1997ع.
6. تاج جويو: "نيڻ مهتي خيال جاڳيا"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو جون 1993ع.
7. هري موٽواڻي (ايڊيٽر): "ماهوار ڪونج" (غزل نمبر) ممبئي، انڊيا آگسٽ 2003ع
8. فقير محمد ڏول/ فقير محمد انڙ (ايڊيٽر): "امرتا غزل رنگ" ڏول فقير فائونڊيشن ٽنڊوالهيار 2003ع
9. اظهر ڀانيڙ (ايڊيٽر): ماهوار "متي" (غزل نبمر) ڪراچي جنوري، فيبروري 1999ع
10. فهميده حسن ڊاڪٽر (مرتب): "سنڌ ماضي، حال مستقبل"ـ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر/انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 2006ع
11. اسحاق سميجو: "شاعريءَ سان دشمني"ـ نئون جنم پبليڪيشن، حيدرآباد سيپٽمبر 2005ع
12. علي نواز حاجن خان جتوئي/عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: "غزلن جو غنچو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 2006ع.
13. سدارنگاڻي ايچ آءِ: "ورهاڱي کانپوءِ سنڌي شعر جي چونڊ" ساهتيہ اڪادمي، دهلي 1987ع
14. گرامي، غلام محمد: ٿماهي مهراڻ (شاعر نمبر) سنڌي ادبي بورڊ: ڄامشورو 1969ع.
15. "اردو غزل" (انتخاب) 1979 1976ع اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد آگسٽ 1980ع
16. سنڌُ جي مختلف شاعرن جا شعري مجموعا.